SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 2010
SINDH ACT NO.II OF 2010
سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 2010
THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ACT, 2010
(CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات

Short title, extent and commencement

2. 2001 جي آرڊيننس XXVII جي دفعه 153 جي تبديلي

Substitution of Section 153 of Ordinance XXVII of 2001

3. 2001 جي آرڊيننس XXVII ۾ دفعه 179_A جو اضافو

Addition of Section 179_A in Ordinance XXVII of 2001

سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريہ 2010

SINDH ACT NO.II OF 2010

سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 2010

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ACT, 2010

[17 فيبروري 2010]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات
Short title, extent and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 2010 سڏيو ويندو.

(2) ان جي پوري سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي.

(3) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2001 جي آرڊيننس XXVII جي دفعہ 153 جي تبديلي
Substitution of Section 153 of Ordinance XXVII of 2001

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس 2001 ۾:

(i) دفعہ 153 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"**153. پارٽي بنيادن تي چونڊون.** مڪاني حڪومت جون چونڊون پارٽي بنيادن تي ڪرايون وينديون؛

بشرطيڪ اڪيلا اميدوار آزاداڻي نموني چونڊن ۾ حصو وٺي سگهندا.

2001 جي آرڊيننس

(ii) دفعہ 179 کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي:

"179_A. **چونڊون منعقد ڪرڻ.** (1) جيستائين ڪجهه هن آرڊيننس جي متضاد نه هجي، مڪاني حڪومت جون پيون چونڊون ڪرائڻ جي مقصد لاءِ، سموريون مڪاني حڪومتن جهڙوڪ صوبي ۾ ضلعي حڪومتون، سٽي ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ، تعلقي ميونسپل ايڊمنسٽريشنز، ٽائون ميونسپل ايڊمنسٽريشنز يونين ايڊمنسٽريشنز ضلعي يونين ڪائونسلز تحليل ٿي وينديون اهڙي تاريخ تي جيئن حڪومت طرفان ڄاڻايو وڃي. **نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**	XXVII ۾ دفعه 179_A جو اضافو Addition of Section 179_A in Ordinance XXVII of 2001